سوال ٤ : (٥×١٠)

## تعارف

سنڌ ۾ ڪلهوڙن جي سنڌي يا ان ٿي طرح 82 سال حڪومت رهي. ان مقامي حڪومت جي اهميت باوجود سنڌ ۾ من خاص ڪري ن سگهيو شاهه عنايت صوفي جو واقعو، مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي واري جي شهادت ۽ ٻيا ڪيترائي معرڪا ٿيا. ميان نور محمد ڪلهوڙو جي نالو هن دور ۾ تمام اهميت رکي ٿو. هن حڪمران سنڌ تي 35 سال حڪومت ڪئي. سندس حڪومت دوران ڪيترائي معرڪا به ٿيا. پر سندس دور سنڌ جي تاريخ ۾ ڪيترائي نوان پيغام کڻي آيو. هن دور ۾ سنڌ ۾ علم و ادب ۾ اضافو ٿيو ۽ معاشي خوشحالي آئي. ڪلهوڙن جي دور ۾ آبپاشي، زراعت، معيشت، علم ۽ ادب کي ترقي ملي ۽ پڻ اصلاحي ڪم جي نسبت ڪلهوڙن ادب کي وڌيڪ وڌڻ ويجهڻ جو موقعو ڏنو. ان ڪري هي دور سنڌي ٻولي ۽ ادب جو سنهري ڪوٺيو ويندو آهي.

## سنڌي ٻولي نڪتو

ادبي دنيا ۾ هي دور شاهه عبداللطيف ڀٽائي جو دور آهي. ڪلهوڙن جو دور ۾ حڪومت ۽ مقامي نسل جي گهراڻي جي هٿن ۾ هئي ۽ جن جي مادري زبان سنڌي هئي. جيتوڻيڪ ملڪ جي دفتري زبان فارسي هئي، پر گهريا

Scanned with CamScanner

2. عام روزمره استعمال جي ٻولي سنڌي
سنڌي زبان کي حڪومتي سرپرستي
حاصل ٿي ترقي ملي، اهو ئي سبب آهي
جي سنڌي ٻولي جي مختلف لهجن
سياسي حالتن سبب گهڻي ترقي ٿي،
ڪڇي، ڪاٺياواڙي، سرائيڪي، لاسي،
جيسلميري ۽ بلوچي زبانن جو اثر سنڌي
زبان قبول ڪري وڏي وسعت واري ۽
شاهوڪار زبان بڻجي وئي، هزارن نون لفظن
محاورن ۽ اصطلاحن جا اضافا ٿيا. جنهن سان
سنڌي ٻولي کي سونهن ملي

ب سنڌي ادب

هن دور ۾ مذهبي ادب نه صرف ترقي
ڪئي پر ان جو لکجڻ به شروع ٿي ويو.
مخدوم ابوالحسن واري جديد عربي لپيءَ جي
ناهڻ ڪري ڪتابن لکجڻ جي هڪ تحريڪ
شروع ٿي. اهڙي طرح هن دور ۾ سماجي زندگي
سان لاڳاپيل مختلف خيال، احساس، آسن
اميدن ۽ ذهني اظهار جي ترقي ڪري
ٻولي ۾ وسعت پيدا ڪئي. ان ڪري سنڌي
ٻولي شاهوڪار ۽ سڌريل ٻولين ۾
شمار ٿيڻ لڳي. هن دور ۾ بي شمار شاعر
پيدا ٿيا. جن سنڌي شاعري ۾ گهرائي
پيدا ڪئي ۽ فني پختگي آندي. هن
دور ۾ ادب جي خاص ڳالهه اها آهي
ته دنيا جي وڏي ۾ وڏي شاعر شاهه
عبداللطيف ڀٽائي جو تعلق هن دور سان آهي

Scanned with CamScanner

Date

بين [illegible] جن ۾ [illegible] زمان
شاهه عنايت، مدن، بيڪس، روحل
فقير، جمن چارڻ، حمل لغاري، صابر
موجي، سيد محمد بقا، ميان
سرفراز خان ڪلهوڙو، ميان صاحب ڏنو
فاروقي وغيره اهم نالا آهن. هن
دور ۾ ميان وال بزرگن "سماع" ڪرڻ
وقت بيتن، مداحن، مناجاتن
۽ مناقبن جو ڪم ورتو ۽ مضمون
ايجاد ڪيو

شاعري ۾ جدت

ساز ۾ خاص جدت آئي. شاهه
عبداللطيف سازن ۾ تنبورو استعمال ڪيو.
جنهن سان شاعري کي ڳائڻ ۾
وڏي دلڪشي آئي. سنڌي موسيقي
ان سلسلي ۾ گهڻي ترقي ڪئي. وايون
۽ ڪافيون عوام جي خاص محفلن ۾
ڳائجڻ لڳيون

غزل گو شاعري

هن دور ۾ غزل گوئي ۽ عروضي
ڪلام جو بنياد پيو. ان سلسلي ۾ نور
محمد خسته، مرزا تقي ۽ حافظ عالي
وغيره اهم نالا آهن

5 تصوف

هن دور ۾ بيتن جي وسيلي تصوف
۽ فلسفي جي دقيق خيالن کي شعر
۾ اتاريو ويو. سنڌي شاعري کي تحفو
ڪري رسال ڪيا ويا. شاعري ۾ فطرت
نگاري ۽ منظر نگاري کي اهميت

Date

ملي. جماليات جي پهلو جو به شاعري
اهم حصو هو. اسلامي فلسفي سان
هندو ويدانيت جي به شاعري ۾
جڳهه ملي.

6) مذهبي ڪتاب

ڪلهوڙن جي دور ۾ سنڌي ٻولي
باقاعدي تعليمي زبان طور استعمال ٿي.
تمام درسگاهن ۽ مڪتبن ۾ مادري
زبان وسيلي تعليم ڏيڻ جو سلسلو
بخيتن بنيادن تي قائم ٿيو. وقت
جي جيد عالمن ۽ استادن ان تحريڪ
۾ حصو ورتو. جن ۾ مخدوم محمد هاشم.
مخدوم ضياالدين، مخدوم عبدالله ۽ ٻيا
ڪيترائي نالا کڻي سگهجن ٿا. هنن ڪيترائي
ديني ۽ تدريسي ڪتاب لکيا ۽
پنهنجي مڪتبن ۾ نصاب طور رائج
ڪيا. ڏسندي ئي ڏسندي سنڌي ۾
تصنيفن جو انبار لڳي ويو.

7) نثر نويسي

هن دور ۾ سنڌي نثر ڪيتري حد
تائين رائج ٿي چڪو هو. هن دور ۾
ڪيترن ئي سنڌي ڪتابن جو ذڪر ملي
ٿو ان کان سواءِ مذهبي ادب ۽ نظم
نثر ۾ بيشمار ڪتاب لکيا ويا جيڪي
سنڌي ادب ۾ هن دور جي سونهري
يادگار ٿا. هن دور جا لکيل ڪتاب
ڪيترن ئي اسلامي علمن ۽ پڙهائڻ
وسيلا آهن

Date________

8 لوڪ ادب

اهڙي طرح لوڪ ادب جو باقاعدہ تڪميلي ترقي ڪئي. هن دور ۾ شاعرن عام طور تي شاه عبداللطيف ڀٽائي شاعري ۾ سنڌ جي ان دور جاگرافي، تاريخي داستان، تهذيبي ۽ ثقافتي اهڃاڻ جو ذڪر ملي ٿو. جنهن جي ڀارت ۾ مثال ڪئي، ماروي مومل راڻو ڪيتري ۾ بيان هن دور جا وڏا سگهڙ هيا هن دور ۾ ڪلهوڙا حڪمران گهرائي طرح جا خود به صوفي ادبن سان جي سرپرستي ڪندا هيا ۽ ٻڌرائيندا هئا خود به شاعر هيا. جن ۾ ميان نور محمد ڪلهوڙو ۽ ميان سرفراز خان ڪلهوڙو اهم آهن

نتيجو

نتيجو اهو نڪتو ته هي دور گهڻي عرصي تائين نه رهيو مگر هن دور سنڌ کي هميشه لاءِ لازوال ڪري ڇڏيو. سنڌي زبان کي اڄ تائين پهچائڻ ۾ ڪلهوڙن جو دور جو ڪليدي ڪردار آهي

Date

سوال نمبر ٨ مرزا قليچ بيگ

تعارف

سنڌي ادب ۾ شايد ئي ڪو اهڙو شاهوڪار
ناول هجي مبارڪ مرزا قليچ بيگ جو آهي.
سنڌي ادب جي هر موضوع تي مالدار
ناماڻو وارث اما شخصيت جنهن نثر جي
ترقي ۾ ڏاڪڻ جو ڪم ڏنو هو
مرزا قليچ بيگ آهي. جنهن نثر جي صنف
تخليق ۽ ترجمي کان علاوه. نظم
جي صنف ۾ ب مالدار بڻايو. انگريزن
سندس علمي لياقت جي عيوض علم
جو سج قرار ڏنو ۽ هو سنڌ جو پهريون
شمس العلما بڻيو. مرزا قليچ بيگ
1853ع ۾ ٽنڊي ٺوڙهي ۾ پيدا ٿيو.
انگريزن جي دور ۾ مختيارڪار ٿيو ۽
ڊپٽي ڪليڪٽر ٿي رٽائر ڪيائين. 76
ورهين جي ڄمار ۾ 1929ع ۾ وفات ڪري ويو.
مرزا صاحب تقريباً 400 کن ڪتاب
لکيا. جن ۾ گهڻا ئي ترجمو ٿيل ~~جي~~ آهن.
جن تقريباً ادب جي هر صنف تي ڪتاب
لکيو. ادب کان علاوه. سائنس، باغباني
۽ صحت وغيره تي به پنهنجي قلم جو
جلوه ڏيکاريائين.

ناول نگاري

جڏهن به سنڌي ناول جو ذڪر ڪجي
ته ناول "زينت" جو ذڪر ضرور ٿئي ٿو.
ناول "زينت" مرزا صاحب 1895ع ۾ تحرير
ڪيو هئي ناول سنڌي ادب ۾ هڪ ڪلاسڪل
ناول جي حيثيت رکي ٿو. مرزا صاحب
پنهنجو پهريون ناول 1888ع "دلارام"

Scanned with CamScanner

جي ناليءَ سان لکيو. مرزا صاحب ناول لکڻ
سان گڏوگڏ ڪيترن ناولن جو ترجمو پڻ
ڪيا. سنڌي سڀ ناول سماجي ۽ اصلاحي
آهن. سنڌي ترجمو ٿيل ناولن جي خاص
ڳالهه جي آهي ته تمام ناول سنڌي
ماحول جي پيشڪش ڪن ٿا ترجمو
ٿيل ناولن ۾ سنڌن مشهور ناول گلن جي
ٺوڪري، گليور جو سفر، سچي محبت،
سئنند جوري مرشن وغيره شامل آهن.
ترجمن جي زبان ۾ سادگي ۽ روانگي
ملي ٿي. مرزا صاحب گهڻو ڪري انهن
ڪتاب جا ترجما ڪيا جيڪي مقصد جي
لحاظ کان ڪافي اهم آهن.

ڊرامه نگاري

سنڌي ٻوليءَ ۾ ڊراما نگاري جي
شروعات به مرزا قليچ بيگ کان ٿي ٿئي
ٿي. پاڻ 1880ع ۾ هڪ ڊرامو ليلا مجنون
جي ناليءَ سان لکيائين ۽ ان کانپوءِ ڊراما
"خورشيد" لکيائين جيڪو اصل ۾ بنگالي
ڊرامي تان ورتل هو هن صاحب ڪيترا
ئي ڊراما ~~ترجمو~~ ترجما پڻ ڪيا. هن جي ڊرامن
جي خوبي اها آهي ته ڊرامن جو ترجمو
ڪري ڊرامن کي سنڌي ماحول ۾ پيش
ڪيو.

مضمون نگاري

مرزا قليچ بيگ سنڌي ادب جو
پهريون اديب هو جنهن مضمون نگاري
کي رائج ڪيو ان سلسلي ۾ هن هڪ
مشهور مضمون نگار "فرانسس بيڪن" جي
مضمونن کي ترجمو ڪيو جيڪي

مذهب، فلسفي، تاريخ، سير و سفر
۽ سائنس تي مشتمل آهن. مرزا صاحب
جا اخلاقي ۽ سماجي پهلون تي مشتمل
مضمونن جو ترجمو پڻ ڪيو آهي. مرزا
صاحب جو پنهنجو لکيل مضمون "مقالات
الحڪمت" سنڌي مضمون ۾ هڪ
شهڪار جي حيثيت رکي ٿو

نتيجو

مرزا صاحب سنڌي ادب ۾ پنهنجي
محنت ۽ ڪاوشن سان سنڌي ادب کي
اهو خزانو پيش ڪيو آهي جيڪي
رهندڙ دنيا تائين سنڌي ادب کي
سجاڻپ مهيا ڪندو رهندو. اهڙو
مرزا صاحب جو سنڌي ٻوليءَ سان لڳاءُ
هو جيڪو اڄ تائين ڪو به سنڌي عالم
يا اديب مرزا صاحب جي برابري نه
ڪري سگهيو آهي. سنڌي ادب جي تاريخ
۾ مرزا صاحب جو نالو هميشه عزت
۽ احترام سان ورتو ويندو.

Date ______

B

# ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ

## تعارف

ڊاڪٽر صاحب سن 1917ع گوٺ جعفر لغاري ۾ پيدا ٿيو. بنيادي تعليم ڳوٺ مان ئي حاصل ڪئي. وڌيڪ تعليم علي ڳڙهه يونيورسٽي مان حاصل ڪيائين 1946ع ۾ امريڪا ۾ Ph.D ڪيائين. ڊاڪٽر صاحب سنڌي ٻوليءَ جي انهن چند محققن منجهان آهي جنهن سنڌي ٻوليءَ لاءِ به انتها محنت ڪئي. سندن 80 کن ڪتاب لکيا آهن جن مان تقريباً 50 کن صرف لوڪ ادب تي آهن. ڊاڪٽر صاحب جي ڪجهه خدمتن جو جائزو وٺجي ٿو:

## سنڌي ٻوليءَ جي مختصر تاريخ:

ڊاڪٽر صاحب هي ڪتاب 1962ع ۾ لکيو. هن ڪتاب ۾ ڊاڪٽر صاحب سنڌي ٻولي تي نئين ڪوشش ڪري ان جي بڻ بنياد بابت نئون نظريو ڏنو. سنڌي ٻولي سنسڪرت مان نه نڪتي آهي پر سنسڪرت کان اڳ واري دور کان موجود آهي. ان کي علاوه هن ڪتاب ۾ سنڌي ادب جي تاريخ ۽ ارتقا تي بهترين تحقيقي مواد پيش ڪيو آهي. هي ڪتاب سنڌي ادب جي تاريخ جو بنيادي ماخذ آهي.

## لوڪ ادب

سنڌي لوڪ ادب کي سهيڙڻ جو ڪم سنڌي ادبي بورڊ طرفان ڊاڪٽر صاحب کي سونپيو ويو. ڊاڪٽر هن ڪم جي پورائي لاءِ سڄو جيو جيو

ٿمپو جي هر علائقي جي ماڻهن سان
ملبو جي ۽ اسٽين پڻ رهڻي ڪهڻي جو
مٿاڏو ڪيو، اهڙيءَ طرح سان ڪتابي
ڪتاب سنڌي ادب نئي لکيا ويا
ڊاڪٽر صاحب جو هي ڪم واقعي هڪ
وڏو ڪارنامو آهي

2. ٻيلاين جا ٻول

ڊاڪٽر صاحب جو هي ڪتاب به سنڌي
ان ڳالهه جي ڪوشش جو زنده ثبوت آهي.
هن ڪتاب جو مواد هٿ ڪرڻ لاءِ ڊاڪٽر
صاحب لسٻيلي جي پوري علائقي جو
تفصيلي دورو ڪيو. ڊاڪٽر صاحب پاڻ
لکي ٿو ته "لسٻيلي جي شاعري عام سنڌي
شاعري جو هڪ حصو پاتو آهي جيئن ته
لسٻيلي جي شاعري ٻيلي جي سياڻن
سگهڙن ۽ سمجهو سالڪن جي ذوق
سبب پنهنجي اصلي صورت ۾ موجود ۽
مروج آهي ۽ زماني جي لٽ ۾ اجايا
لٽجي نه ويئي آهي

15

3. جامع سنڌي لغت

ڊاڪٽر صاحب سنڌي لغت ۾ ڪم
ڪري ان کي سولي ۽ سنواري باقاعدي
پنجن جلدن ۾ پيش ڪيو هي هڪ
وڏو ڪارنامو آهي. ان سان سنڌي اردو لغت
۽ اردو سنڌي لغت به تيار ڪئي

4. مختلف شاعرن جا ڪلام

ڊاڪٽر صاحب ڪيترن ئي شاعرن جا ڪلام
گڏ ڪري ڇپايا آهن. ڪجهه وڏن
۽ مشهور شاعرن جي ڪلام کي گڏ

ڪهڙي رسالا ۾ ڇپايا آهن

نتيجو

ڊاڪٽر صاحب انهن حالتن منجهان آهي جن ڪڏهن ۾ بنهي ڪم نه ڪيو نه ڪيو آهي. هو مختلف عهدن تي وائيس رهيو ۽ ته انتها مصروف هوندي به سنڌي ٻولي ۽ جي خدمت ڪندو رهيو. ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي مطابق ڊاڪٽر صاحب مرزا قليچ بيگ کانپوءِ ٻي ادبي اٿل آهي. واقعي مرزا قليچ بيگ کانپوءِ گهڻي کان گهڻا ڪتاب ڊاڪٽر بلوچ صاحب ئي لکيا آهن

Date

سوال 7 افسانو

تعريف

افسانو ارڙهين صدي جي پيداوار آهي ارڙهين صدي ۾ يورپ ۾ مشينن صنعتڪاري جو دور آيو ته ماڻهن جي زندگي ايتري تيز ٿي وئي جو ماڻهن وٽ ادب پڙهڻ لاءِ تمام گهٽ وقت هجي پيو. ان ڪري ضرورت محسوس ڪئي وئي ته اهڙو ادب لکجي جيڪو مختصر به هجي ۽ ڊرامائي پڻ ان ڪري افسانو لکڻ جو رواج پيو. افسانو سماج جي مسئلن جو عڪس هجڻ سان گڏوگڏ قوم جي جذبات جو ترجمان پڻ آهي.

افساني جون فني خوبيون

افسانو مختصر آهي

آمريڪا جي مشهور افسانا نگار "ايڊگر ايلن پو" جو چوڻ آهي ته افسانو نثر جي اها ڪهاڻي آهي جيڪا پڙهندڙ هڪ ئي نشست ۾ پورو ڪري يعني اڌ ڪلاڪ اندر ختم ڪري سگهجي

زمان، مڪان ۽ عمل جي وحدت.

افساني ۾ رونما ٿيندڙ واقعن جو تسلسل وقت سان مطابقت رکي ۽ ان ۾ تضاد نه هجي. اهڙي طريقي سان انسان جا عمل ۽ سندس قول پاڻ ۾ مطابقت رکندا هجن يعني هڪ ئي وقت ۾ اهڙو ماڻهو ظالم ۽ همدرد نه ٿو ٿي سگهي.

Scanned with CamScanner

Date______

3 ڪردار جي مقالمن ۾ مختلف موڙ گهڻا
افساني جي ڪردار انساني زندگي جي
مختلف شعبن مان کنيا ويندا آهن جنهن جي
ڪري ڏسڻ ۾ اچي ٿو
۾ مختلف موڙ گهڻو
اهڙي طرح سان افساني جا مقالما ب
مختلف سان ڀرپور هوندا آهن. اهي
هڪ طرف ته ڪردارن کي اڀاري ڪندا
آهن ته ٻئي طرف ڪهاڻي جي رفتار کي
اڳتي وڌائيندا آهن

4 آغاز ۽ انجام تمام گهڻي اهميت
افساني ۾ آغاز ۽ انجام
رکن ٿا پر ان لاءِ ڪو به شرط نه آهي
ڪي افسانا نگار افساني کي اختتام کان
شروع ڪندا آهن ته ڪي وري وچ مان
شروع ڪندا آهن

5 عمل ۽ ڪردار نگاري ۾ توازن
افساني جا سڀئي ننڍا وڏا جز پاڻ ۾
ٻڌل هوندا آهن. انهن ۾ هڪ خاص
قسم جو توازن هوندو آهي ۽ اهڙي
طرح سان ڪهاڻي اختتام تائين ٿي

6 اهم واقعو صرف هڪ هوندو آهي
انسان جي زندگي ڪيترن ئي تجربن ۽ واقعن
جو مجموعو آهي. افسانه نگار انهن مان ڪنهن
هڪ واقعي يا مسئلي کي کڻي ٿو ۽ ان کي
ڀرپور تاثر سان پڙهندڙ تائين پهچائي
ٿو. ان ڪري مسئلي سان افساني ۾ ٻيا به
مسئلا زير قلم اچن ٿا. پر اهي سڀ ان ڪري
واقعي کي اڀارڻ لاءِ استعمال ٿيندا
آهن.

Scanned with CamScanner

Date

سوال نمبر 8

Sindh to English

A

A rain is conditional to weather. so the tears are conditional to emotions. It is easy to differentiate between a seasonal rain and non-seasonal rain. However, it is the most difficult to identify the reason behind the tears, because there are multiple state of minds in which a person goes through. If there would have been colors of emotions sentiments and afflications then our eyes would have shed the colorful tears

B

English to Sindhi

اڄ مونکي ان ڳالهه جو احساس ٿيو ته مان
قاتل آهيان. مان پنهنجي تخليقي صلاحيتن
جو قاتل آهيان. مان هڪ راڪشس آهيان
جنهن پنهنجي معصوميت کي بيدردي سان
ڪچلي ڇڏيو. مان اهو جن آهيان جنهن
هڪ خوبصورت مخلوق کي ان جي جسم
کان ڀريان ان جو سفايو ڪري ڇڏيو. اڄ منهنجو
اتفاق سان هڪڙي مهوز سان ملاقات ٿي
جيڪو وڏي عرصي کان مون ۾ سمايل هيو ۽
مان پيا ته ان کي هڪڙي پيڙي ۾ بند
رکيو پيا مان اڄ ان جو بيدردي سان گلو
گهوٽي ڇڏيو. مان هڪڙو مهوز ٿي
ٻڌو سگهان مان هڪڙو شاعر ٿي

Date ______

مان هڪ ڙو مصنف ٿي ٿو سگهان
اگر مان پنهنجي طلب کي آزاد
ڪيان ها ته مان پنهنجي پاڻ کي
سڃاڻيان ها. مان پنهنجي پاڻ
کي ظاهر نه ڪرڻ ڏنو پر مونکي
خوشي آهي ته مونکي پنهنجو ڪتاب
مليو "Women in the 21st century" جنهن مان
مان ڪجهه ڪهاڻيون پڙهيون. مان
تمام گهڻو متاثر ٿيس پنهنجي ڪتاب
مان. بعد ۾ مان الجهن ۾ ڪشمڪش
جو شڪار رهيس پاڻ ته مونکي
احساس ٿيو ته مان به تخليقي صلاحيت
رکان ٿو پر مان ڪڏهن به ان
جي ڪوشش نه ڪئي آهي پنهنجي
صلاحيتن کي اجاگر ڪرڻ جي. ليڪن
توهان جي ڪتاب منهنجي اندر هڪ
روشني پيدا ڪئي آهي ته مان
پنهنجي اندر کي سڃاڻيان.

Please extend each paragraph and more discussion

Good approach

Please discuss me on phone 03335490089

28/9

Farha